# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2013
# SINDH ACT NO.I OF 2013
# سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ACT, 2013

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. دفعہ 23_A جي شموليت

Insertion of section 23_A

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2013
# SINDH ACT NO.I OF 2013
# سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ACT, 2013

[21 فيبروري 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ مقررين ۽ ترقين ۾ ڪجهه ڪنيل قدمن کي هلائڻ لاءِ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته مقررين ۽ ترقين سان لاڳاپيل ڪجهه قدمن کي ضابطي مطابق بڻائڻ لازمي ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ پوليس جو اخلاقي اعتماد برقرار رکڻ ضروري ٿي پيو آهي، جنهن ڪارڻ ماضي ۾ اهلڪارن جون زندگيون رسڪ تي رکيون ۽ پنهنجي ڊيوٽي دوران بهترين بهادري جو مظاهرو ڪيو آهي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو سيشن هلي رهيو آهي؛

هاڻي تنهن ڪري سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جي فلور تي سنڌ جي صوبائي حڪومت طرفان سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 جي دفعه 9_A تحت ڪيل مقررين ۽ ترقين يا ٻي صورت ۾ پوليس کاتي ۾ ورتل اهڙي قدم جي مقصد لاءِ هي بل متعارف ڪرايو ويو آهي. بل ذريعي سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 جي انهيءَ ڪري هيٺين ريت ترميم ڪئي ويندي:

ان ڪي هن ريت بڻائي عمل ۾ آندو ويندو:

| | |
|---|---|
| 1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2. سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾، دفعه 23 کانپوءِ هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي:<br>"23_A. **واري کان اڳ ترقين کي ضابطي مطابق بڻائڻ.** (1) جيستائين ڪجهه ڪنهن قانون، يا حڪم يا ڪنهن عدالت جي فيصلي جي متضاد نه هجي، هن ايڪٽ سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) ايڪٽ، 2013 جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ جيڪي حڪومت يا مجاز اختياري يا ٻي صورت ۾ پوليس کاتي ۾ دفعه 9_A تحت ترقيون ڏنيون ويون آهن، ڏنل ترقي اهڙين ترقين واري تاريخ کان مستقل سمجهيو ويندو.<br>(2) ذيلي دفعه (1) تحت ڏنل ڪيل سموريون ترقيون ۽ سمورا نوٽيفڪيشنز ڪارروايون، هدايتن يا اهڙين ترقين جي سلسلي ۾ جاري ڪيل حڪم درست ۽ هميشه ايئن ئي موثر رهندا.<br>(3) ڪو شخص جيڪو ذيلي دفعه (1) تحت ضابطي ۾ آندل ڪنهن ترقيءَ کان متاثر ٿيو هجي، اهو سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) ايڪٽ، 2013 جي لاڳو ٿيڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر سنڌ سروس ٽربيول ۾ اپيل داخل ڪري سگهي ٿو.<br><br>**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | دفعه 23_A جي شموليت<br>Insertion of section 23_A |